# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريه 1992
# SINDH ACT NO.I OF 1992
# سنڌ صوبي ۾ محتسب اعليٰ جي آفيس جي قيام جو ايڪٽ، 1991
# THE ESTABLISHMENT OF THE OFFICE OF OMBUDSMAN FOR THE PROVINCE OF SINDH ACT, 1991
## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات
Short title, Extent and Commencement

2. وصفون
Definitions

3. محتسب اعليٰ جي مقرري
Appointment of ombudsmen

4. محتسب اعليٰ جو مدو
Tenure of the ombudsman

5. محتسب اعليٰ ٻي ڪا به منافعي واري آفيس وغيره نه رکندو
Ombudsman not to hold any other office of profit, etc

6. ملازمت جا شرط ۽ ضابطا ۽ محتسب اعليٰ جون مراعتون
Terms and conditions of service and remuneration of Ombudsman

7. وقتي محتسب اعليٰ

Acting Ombudsman

8. عملي جي مقرري ۽ ملازمت جا شرط ۽ ضابطا

Appointment and terms and conditions of service of staff

9. محتسب اعليٰ جو دائرو اختيار، ڪم ۽ اختيار

Jurisdiction functions and powers of the Ombudsman

10. طريقيڪار ۽ ثبوت

Procedure and evidence

11. عمل درآمد لاءِ تجويز

Recommendation for implementation

12. تجويزن تي عمل نه ٿيڻ

Defiances of Recommendation

13. محتسب اعليٰ طرفان رجوع ڪرڻ

Reference by Ombudsmen

14. محتسب اعليٰ جا اختيار

Powers of the Ombudsmen

15. ڪنهن احاطي ۾ داخل ٿيڻ ۽ تلاشي جو اختيار

Power to enter and search any premises

16. توهين ڪرڻ تي سزا ڏيڻ جو اختيار

Power to punish for contempt

17. جاچ ٽيم

Inspection Team

18. اسٽينڊنگ ڪميٽيز وغيره

Standing committees etc

19. اختيارن جي منتقلي

Delegation of powers

20. صلاحڪارن جي مقرري
Appointment of advisers
21. فنڪشنريز وغيره کي اختيار ڏيڻ
Authorization of functionaries etc
22. خرچ ۽ معاوضو ڏيڻ ۽ رقم جي واپسي
Award of costs and compensation and refund of amounts
23. محتسب اعليٰ کي مدد ۽ صلاح
Assistance and advice to Ombudsman
24. ڪاروهنوار هلائڻ
Conduct of business
25. قسم نامن جي طلبي
Requirement of affidavits
26. صلاحڪارن، ڪنسلٽنٽس وغيره جو معاوضو
Remuneration of advisers, consultants, etc
27. محتسب اعليٰ ۽ عملو سرڪاري ملازم هوندا
Ombudsman and staff to be public servants
28. سالياني ۽ ٻيون رپورٽون
Annual and other reports
29. دائره اختيار جي پابندي
Bar of jurisdiction
30. استثنيٰ
Immunity
31. گورنر طرفان رجوع ڪرڻ
Reference by the Governor
32. گورنر کي عريضي

Representation to Governor

33. جهيڙن جو غير رسمي نبيرو

Informal resolution of disputes

34. خدمت جو طريقو

Service process

35. خرچ جيڪو صوبائي ڪنسوليڊيٽيڊ فنڊ تي اوڳاڙيو ويندو

Expenditure to be charged on provincial consolidated Fund

36. قاعدا

Rules

37. ٻين قانونن تي اثرانداز ٿيڻ وارو ايڪٽ

Act to override other laws

38. رنڊڪون هٽائڻ

Removal of difficulties

39. 1991 جي سنڌ آرڊيننس IX جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance, IX of 1991

# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريہ 1992

# SINDH ACT NO.I OF 1992

# سنڌ صوبي ۾ محتسب اعليٰ جي آفيس جي قيام جو ايڪٽ، 1991

# THE ESTABLISHMENT OF THE OFFICE OF OMBUDSMAN FOR THE PROVINCE OF SINDH ACT, 1991

[23 جنوري 1992]

ايڪٽ جنهن ذريعي صوبائي محتسب اعليٰ جي آفيس قائم ڪئي ويندي.

**تمهيد (Preamble)**

جيئن تہ صوبائي محتسب اعليٰ جي مقرري ضروري ٿي پئي آهي، جيئن ڪنهن شخص سان بدانتظامي ذريعي ڪيل ناانصافي جو پتو لڳائي، جاچ پڙتال ڪري، درستگي ڪري ۽ حل ڪري سگهجي؛

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

**مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات**
**Short title, Extent and Commencement**

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ صوبي ۾ محتسب اعليٰ جي آفيس جي قيام جو ايڪٽ، 1991 سڏيو ويندو.

(2) هن جي پوري صوبي سنڌ تائين توثيق ڪئي ويندي.

(3) هي فوري طور ۽ 14 آگسٽ 1991 کان لاڳو ٿيندو.

**وصفون**
**Definitions**

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهہ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(1) "ايجنسي" مطلب کاتو، ڪميشن يا صوبائي حڪومت

جي آفيس يا قانوني ڪارپوريشن يا حڪومت جي انتظام هيٺ يا قائم ڪيل ٻيو ڪو ادارو. پر جنهن ۾ هاءِ ڪورٽ شامل نہ هوندي؛

(2) "بدانتظامي" ۾ شامل آهي:

(i) هڪ فيصلو عمل، تجويز ختم ڪرڻ يا ڪرڻ جو قدم، جيڪو:

(a) قانون، قاعدن يا ضابطن سان ٽڪراءَ ۾ آهي يا قائم ڪم ۽ طريقيڪار کان مختلف آهي، جيستائين اها بهتر يا ڪارگر مقصدن لاءِ نہ هجي؛ يا

(b) ڏاڍ يا ضد تي قائم رهي غلطيون ورجائڻ يا غير معقول، بي انصافي، تعصب، ڏاڍ ۽ پرماريت ۾ متپيد؛

(c) اڻ لاڳاپيل بنياد تي؛ يا

(d) اختيارن ۾ مداخلت يا ناڪامي يا ايئن ڪرڻ کان انڪار بدعنوان يا غير مناسب قدمن لاءِ، جهڙوڪ رشوت، بدعنواني، من پسندي، اقرباپروري ۽ انتظامي زيادتيون؛ ۽

(ii) ڪم يا فرض ۽ ذميواريون نڀائڻ ۾ نظرانداز ڪرڻ، ڌيان نہ ڏيڻ، چاٽي واٽي دير ڪرڻ، نااهلي ۽ دلچسپي نہ وٺڻ؛

(3) "آفيس" مطلب محتسب اعليٰ جي آفيس؛

(4) "محتسب اعليٰ" مطلب دفعہ 3 تحت صوبي سنڌ لاءِ مقرر ڪيل محتسب اعليٰ؛

(5) "بيان ڪيل" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(6) "سرڪاري ملازم" مطلب سرڪاري ملازم جيئن پاڪستان پينل ڪوڊ، 1860 جي دفعہ 21 ۾ بيان ڪيل آهي ۽ جنهن ۾ شامل آهي وزير، صلاحڪار، پارليامينٽري

سيڪريٽري ۽ چيف ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر يا ٻيو ڪو عملدار يا ملازم يا ايجنسي جو ميمبر؛ ۽

(7) "عملو" مطلب ملازم ۽ آفيس جو ڪم ڪار هلائيندڙ ۽ جنهن ۾ شامل آهن مقرر ڪيل عملي جا ميمبر، ڪنسلٽنٽس، صلاحڪار، بيلف، لهه وچڙ ۾ ايندڙ يا رابطو رکندڙ آفيسر ۽ ماهر.

**محتسب اعليٰ جي مقرري**
**Appointment of ombudsmen**

3. (1) صوبي سنڌ لاءِ هڪ محتسب اعليٰ هوندو، جيڪو گورنر طرفان مقرر ڪيو ويندو.

(2)آفيس سنڀالڻ کان اڳ محتسب اعليٰ گورنر جي سامهون حلف کڻدو، اهڙيءَ ريت جيئن هن ايڪٽ جي پهرين شيڊول ۾ ڄاڻايو ويو هجي.

(3) محتسب اعليٰ سمورن معاملن ۾ پنهنجا ڪم سرانجام ڏيندو ۽ سٺي نموني، ايمانداري سان، شرافت سان ۽ آزاداڻي نموني پنهنجا انتظامي اختيار استعمال ڪندو، ۽ صوبي ۾ سموريون ايگزيڪيوٽو اٿارٽيز محتسب اعليٰ جي ماتحت ڪم ڪنديون.

**محتسب اعليٰ جو مدو**
**Tenure of the ombudsman**

4. (1) محتسب اعليٰ چئن سالن لاءِ عهدو سنڀاليندو ۽ مدي ۾ واڌ يا ڪنهن به صورت ۾ محتسب اعليٰ طور ٻيهر مقرري لاءِ اهل نه هوندو.

(2) محتسب اعليٰ گورنر کي هٿ لکت درخواست ذريعي عهدي تان استعيفيٰ اماڻي سگهي ٿو.

**محتسب اعليٰ ٻيو ڪو به منافعي وارو آفيس وغيره نه رکندو**
**Ombudsman not**

5. (1) محتسب اعليٰ نه ڪندو:

(a) پاڪستان جي ملازمت ۾ ڪو منافعي وارو ٻيو عهدو نه رکندو؛ يا

(b) ڪا ٻي حيثيت رکڻ جنهن جي خدمتن عيوض معاوضو

ملندو هجي.

(2) محتسب اعليٰ عهدو ڇڏڻ جي ٻن سالن تائين پاڪستان جي ملازمت ۾ منافعي واري ڪا آفيس نہ رکندو، نہ ئي آفيس جي مدي واري دور ۾ ان ڪانپوءِ ٻن سالن تائين پارليامينٽ يا صوبائي اسيمبلي يا ڪنهن لوڪل باڊي ۾ ميمبر طور چونڊ لاءِ اهل هوندو يا ڪنهن سياسي سرگرمي ۾ حصو نہ وٺي سگهندو.

to hold any other office of profit, etc

ملازمت جا شرطون ۽ ضابطا ۽ محتسب اعليٰ جون مراعتون

Terms and conditions of service and remuneration of Ombudsman

6. (1) محتسب اعليٰ کي اهڙي پگهار، الائونسز ۽ مراعتون ۽ ملازمت جي ٻي شرطن ۽ ضابطن جو حقدار هوندو، جيئن گورنر طئي ڪري ۽ اهي شرط محتسب اعليٰ جي آفيس جي مدي دوران تبديل نہ ڪري سگهبا.

(2) محتسب اعليٰ پنهنجي عهدي تان گورنر طرفان بدديانتي يا پنهنجون آفيس جون ذميواريون بهتر نموني نہ نڀائڻ جي بنياد تي يا طبي يا ذهني معذوري جي بنياد تي هٽائي سگهبو.

بشرطيڪ محتسب اعليٰ جيڪڏهن سمجهي تہ اهو لائق آهي ۽ سٺي نموني ذميواريون نڀائي سگهي ٿو تہ اهو سپريم جديشل ڪائونسل آڏو ڪليل ڪچهري جي درخواست ڏئي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن اهڙي درخواست ملڻ جي ٽيهن ڏينهن اندر اهڙي ٻڌڻي نہ ٿي ڪوئائي وڃي يا درخواست ملڻ جي نوي ڏينهن اندر غور هيٺ نہ ٿي آندي وڃي تہ محتسب اعليٰ سمورين ذميواريون کان آجو ٿي ويندو، اهڙي صورتحال ۾، محتسب اعليٰ پنهنجو عهدو ڇڏڻ جو فيصلو ڪري سگهي ٿو ۽ ان کي اهي سموريون مراعتون ۽ فاعدا سندس پوري مدي لاءِ ڏنا ويندا.

(3) جيڪڏهن محتسب اعليٰ ذيلي دفعه (2) جي شرطيه بيان تحت درخواست ڏئي ٿو ته، اهو هن ايڪٽ تحت پنهنجا ڪم سرانجام نه ڏيندو. جيستائين سپريم جڊيشل ڪائونسل جي آڏو ٻڌڻي نه ٿي ٿئي.

(4) بدعنواني جي بنياد تي پنهنجي عهدي تان هٽايل محتسب اعليٰ پاڪستان جي ڪنهن به ملازمت ۾ منافعي واري آفيس لاءِ يا پارليامينٽ يا صوبائي اسيمبلي يا ڪنهن لوڪل باڊي جي ميمبر طور چونڊ لاءِ اهل نه هوندو.

وقتي محتسب اعليٰ
Acting Ombudsman

7. ڪنهن به وقت جڏهن محتسب اعليٰ جو عهدو خالي ٿئي ٿي، يا محتسب اعليٰ غير حاضر آهي يا ڪنهن سبب جي ڪري پنهنجون ذميواريون نڀائڻ لائق ناهي ته گورنر وقتي محتسب اعليٰ مقرر ڪري سگهي ٿو.

عملي جي مقرري ۽ ملازمت جا شرط ۽ ضابطا
Appointment and terms and conditions of service of staff

8. (1) عملي جا ميمبر، سواءِ انهن جي جيڪي دفعه 20 ۾ ڄاڻايا ويا آهن يا اهو درجو جيڪو گورنر طرفان لکت ۾ حڪم ۾ ڄاڻايل ويو آهي، گورنر طرفان محتسب اعليٰ جي مشاورت سان مقرر ڪيا ويندا.

(2) عملي جا ميمبر مقرر ڪرڻ لاءِ ۽ اهڙي مقرري لاءِ انهن جي ڀرتي جي طريقن لاءِ لياقتن سان لاڳاپيل معاملن لاءِ صوبائي پبلڪ سروس ڪميشن سان مشاورت ڪرڻ ضروري نه هوندو.

(3) عملي جي ميمبرن کي اهڙي پگهار، الائونسز ۽ ملازمت جا شرط ۽ ضابطا ڏنا ويندا، جيڪي پگهار، الائونسز ۽ ملازمت جي شرطن ۽ ضابطن بابت بيان ڪيا ويا وچن جيڪي ان وقت صوبائي حڪومت جي اهڙن ئي بنيادي پي اسڪيلز ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن کي ڏنا ويندا هوندا.

(4) آفيس ۾ ڪم شروع ڪان اڳ ذيلي دفعہ (1) ۾ ڄاڻايل اسٽاف جو ميمبر محتسب اعليٰ جي سامهون هن ايڪٽ جي ٻئي شيڊول ۾ طئي ڪيل طريقي موجب حلف کڻندو.

محتسب اعليٰ جو دائرو اختيار، ڪم ۽ اختيار
Jurisdiction functions and powers of the Ombudsman

9. (1) محتسب اعليٰ ڪنهن متاثر شخص جي شڪايت تي، گورنر يا صوبائي اسيمبلي طرفان رجوع ڪرڻ تي، سپريم ڪورٽ يا هاءِ ڪورٽ طرفان ڪنهن ڪارروائي دوران تحرڪ تي يا پنهنجي پاڻمرادو تحرڪ تي بدعنواني جي الزام تي ڪنهن ايجنسي جي حصي يا ان جي ڪن عملدارن يا ملازمن کان ڪا پڇا ڳاڇا ڪري سگهي ٿو:

بشرطيڪ محتسب اعليٰ کي هيٺين معاملن مان ڪنهن بہ معاملي ۾ پڇا ڳاڇا ڪرڻ جو ڪو دائره اختيار نہ هوندو:

(a)عدالت جي مجاز اختيار يا جديشل ٽربيول يا پاڪستان ۾ بورڊ ۾ شڪايت ملڻ واري تاريخ، ريفرنس يا موشن تي ٻڌڻي هيٺ آهن؛ يا

(b)پاڪستان جي پرڏيهي معاملن سان لاڳاپيل آهن يا پاڪستان جي ڪنهن پرڏيهي رياست يا حڪومت سان ڪاروهنوار سان لاڳاپيل آهي؛ يا

(c) پاڪستان جي دفاع سان ڳنڍيل يا لاڳاپيل آهي يا ان سان لاڳاپيل معاملي سان، يا پاڪستان جي ملٽري، نيول يا ايئر فورسز سان لاڳاپيل آهي، يا معاملو جيڪو انهن فورسز سان لاڳاپيل آهي.

(2) جيستائين ڪجهہ ذيلي دفعہ (1) جي متضاد نہ آهي، محتسب اعليٰ  جاچ لاءِ ڪا شڪايت قبول نہ ڪندو ڪنهن سرڪاري ملازم طرفان يا ڪم ڪندڙ طرفان ايجنسي سان لاڳاپيل معاملن لاءِ جنهن ۾ هو پاڻ ڪم

ڪري رهيو هجي، ڪم ڪيو هجي، جتي سندس ملازمت دوران اتي ڪيس ذاتي نقصان ڏک مليو هجي.

(3) هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ، خاص طور تي بدعنوان عملن يا ناانصافي جا بنيادي سبب ڄاڻڻ لاءِ محتسب اعليٰ اسٽڊيز يا تحقيق ڪرائي سگهي ٿو ۽ انهن جي خاتمي لاءِ خاص تجويزون ڏئي سگهي ٿو.

(3)محتسب اعليٰ جي آفيس جي مک سيٽ ڪراچي ۾ هوندي، پر جتي چاهي ريجنل آفيسون قائم ڪري سگهي ٿو.

طريقيڪار ۽ ثبوت Procedure and evidence

10. (1) شڪايت پڪي تصديق يا قسم تي ڪئي ويندي ۽ متاثر شخص طرفان محتسب اعليٰ ڏانهن لکت ۾، يا ان جي وفات جي صورت ۾، ان جي نمائندي طرفان ۽ هٿون هٿ آفيس ۾ پهچائي ويندي يا محتسب اعليٰ کي ذاتي طور ڏني ويندي يا ڪنهن ٻئي طريقي سان آفيس تائين پهچائي ويندي.

(2) ڪا بہ اڻڄاتل يا فرضي نالي سان لکيل شڪايت غور هيٺ نہ آندي ويندي.

(3) معاملي جي شڪايت متاثر شخص پاران متاثر ٿيڻ واري ڏينهن کان ٽي مهينن کان پوءِ نہ هجي، پر محتسب اعليٰ ڪنهن معاملي جي سلسلي ۾ جيڪڏهن اهو سمجهي تہ خاص حالتون آهن تہ وقت واري انهيءَ شرط کي نظرانداز ڪري شڪايت تي جاچ ڪرائي سگهي ٿو.

(4) جتي محتسب اعليٰ جاچ ڪرائڻ چاهي لاڳاپيل ايجنسي جي مک عملدار کي هدايت جاري ڪندو ۽ ڪنهن ٻئي شخص کي جيڪو شڪايت ۾ الزام هيٺ آهي

يا شڪايت ڪيل خلاف قدم کڻڻ لاءِ بااثرار بااختيار، يا شڪايت ۾ ڄاڻايل الزامن تي نوٽيس جاري ڪندو بشمول ترديد جي؛

بشرطيڪ محتسب اعليٰ جاچ جاري رکندو جيڪڏهن اهڙي لاڳاپيل عملدار طرفان نوٽيس تي جواب وصول ٿيو هوندو يا ڪنهن ٻئي شخص پاران نوٽيس ملڻ جي ٽيهن ڏينهن اندر يا اهڙي عرصي دوران جيڪو محتسب اعليٰ طرفان ڏنو ويو هجي.

(5) هر جاچ نجي طور ڪرائي ويندي، پر محتسب اعليٰ اهڙي طريقي ڪرائي سگهي ٿو جيئن اهو اهڙي جاچ لاءِ ضروري سمجهي ۽ اهو اهڙي شخص کان معلومات حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙي طريقي جيئن اهو اهڙي معاملي لاءِ مناسب سمجهي.

(6) ڪو شخص ذاتي طور يا سندس نمائندو محتسب اعليٰ آڏو پيش ٿي سگهي ٿو.

(7) محتسب اعليٰ هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدن موجب ڪنهن شخص جا خرچ ڪٽي سگهي ٿو يا الائونسز ڏئي سگهي ٿو جيڪو جاچ جي مقصد لاءِ معلومات فراهم ڪري.

(8) ڪنهن جاچ جي ڪارروائي لاڳاپيل ايجنسي طرفان ڪنيل ڪنهن قدم تي اثرانداز نہ ٿيندي، يا ڪنهن ايجنسي جي اختيار جا ذميواري تي ڪنهن وڌيڪ قدم کڻڻ لاءِ جا جاچ جي سلسلي ۾ ڪنهن معاملي تي وڌيڪ قدم کڻڻ لاءِ.

(9) هن ايڪٽ تحت جاچ جي مقصد لاءِ محتسب اعليٰ لاڳاپيل ايجنسي جي ڪنهن عملدار يا ميمبر کان ڪا

معلومات طلب ڪري سگهي ٿو يا ڪو دستاويز طلب ڪري سگهي ٿو جيڪو محتسب اعليٰ جي خيال ۾ جاچ جي سلسلي ۾ لاڳاپيل ۽ مددگار آهي ۽ اهڙي جاچ جي مقصد لاءِ ڪا معلومات يا دستاويز ظاهر ڪرڻ جي سلسلي ۾ ان کي ڳجهو رکڻ جي ڪا گهرج نه هوندي:

بشرطيڪ گورنر پنهنجي صوابديد تي ملڪي راز هئڻ جي بنياد تي ڪا معلومات يا دستاويز ڳجهو رکڻ جي اجازت ڏئي سگهي ٿو.

(10) ان صورت ۾ جتي محتسب اعليٰ جاچ نه ڪرائڻ چاهي، اهو شڪايت ڪندڙ کي جاچ نه ڪرائڻ بابت سببن جو اسٽيٽمينٽ موڪليندو.

(11) بشرطيڪ هن ايڪٽ موجب، محتسب اعليٰ ڪاروهنوار ۽ ڪم هن ايڪٽ تحت سرانجام ڏيندو.

عمل درآمد لاءِ تجويز
Recommendation for implementation

11. (1) جيڪڏهن ڪو معاملو پاڻمرادو تحرڪ تي غور هيٺ آڻڻ ڪانپوءِ يا شڪايت تي يا گورنر طرفان رجوع ڪرڻ تي يا صوبائي اسيمبلي طرفان رجوع ڪرڻ تي، يا سپريم ڪورٽ يا هاءِ ڪورٽ طرفان تحرڪ وٺڻ تي، جيئن به معاملو هجي، محتسب اعليٰ جيڪڏهن ان خيال جو آهي ته معاملو بدعنواني جو آهي ته هو لاڳاپيل ايجنسي کي پنهنجي نتيجن کان آگاهه ڪندو پر ان جي روشنيءَ ۾ ايجنسي يا ادارو:

(a) معاملي کي وڌيڪ غور هيٺ آڻيندو.

(b) فيصلي، طريقه ڪار، تجويز، قدم يا ختم ڪرڻ کي ترتيب ڏيندو يا رد ڪندو.

(c) سوال هيٺ آيل قدم يا فيصلي کي وڌيڪ واضح

ڪندو،
(d) ڪنهن ايجنسي جي ڪنهن سرڪاري ملازم خلاف لاڳاپيل قانونن تحت انتظامي ڪارروائي ڪندو،
(e) ڄاڻايل وقت اندر معاملي يا ڪيس کي نيڪال ڪندو،
(f) مخصوص وقت دوران ايجنسي جي ڪم ۾ ڪارڪردگي کي بهتر بڻائڻ لاءِ پنهنجي نتيجن ۾ تجويزن تي قدم کڻڻ،
(g) محتسب اعليٰ طرفان نشاندي ڪرايل تي وڌيڪ قدم کڻڻ.
(2) ايجنسي اهڙي وقت دوران جيڪو محتسب اعليٰ طرفان ڄاڻايو ويو هجي، ڪيس ان جي هدايتن تي کنيل قدم بابت آگاهه ڪري سگهي ٿي يا ساڳين هدايتن تي عمل نه ڪرڻ جي سببن کان آگاهه ڪري سگهي ٿي.
(3) ڪنهن معاملي ۾ جتي محتسب اعليٰ غور ڪيو هجي يا جاچ ڪئي هجي، ڪنهن شڪايت تي يا گورنر طرفان رجوع ڪرڻ تي يا صوبائي اسيمبلي طرفان رجوع ڪرڻ تي يا سپريم ڪورٽ يا هاءِ ڪورٽ طرفان تحرڪ ونڻ تي ته محتسب اعليٰ ايجنسي طرفان شڪايت تي ذيلي دفعه (2) تحت مليل اطلاع جو نقل جيئن معاملو هجي، گورنر، صوبائي اسيمبلي، سپريم ڪورٽ يا هاءِ ڪورٽ ڏانهن اماڻي سگهي ٿو.
(4) جيڪڏهن جاچ کانپوءِ محتسب اعليٰ کي واضح ٿئي ٿو ته بدعنواني جي سلسلي ۾ متاثر شخص سان ناانصافي نه ٿي آهي ۽ ناانصافي جي تلافي نه ٿي آهي يا نه ٿيندي ته اهو جيڪڏهن مناسب سمجهي، معاملي بابت خاص رپورٽ

گورنر جي سامهون پيش ڪري سگهي ٿو.

(5) جيڪڏهن لاڳاپيل ايجنسي محتسب اعليٰ جي تجويزن تي عمل نہ ڪري يا محتسب اعليٰ کي عمل درآمد نہ ڪرڻ بابت مطمئن ڪندڙ سبب نہ ڏئي تہ ان سان "تجويزن تي عمل نہ ٿيڻ" وانگر منهن ڏنو ويندو ۽ ان سان هيٺين ريت ورتاءُ ڪيو ويندو.

تجويزن تي عمل نہ ٿيڻ
Defiances of Recommendation

12. (1) جيڪڏهن ڪنهن ايجنسي ۾ سرڪاري ملازم طرفان "تجويزن تي عمل نہ ٿئي" محتسب اعليٰ طرفان ڏنل تجويزن تي عمل درآمد جي سلسلي ۾ تہ محتسب اعليٰ اهو ان معاملي تي گورنر سان رجوع ڪري سگهي ٿو جيڪو پنهنجي صوابديد ۾، ايجنسي کي تجويزن تي عمل درآمد لاءِ هدايت ڪري سگهي ٿو ۽ ان سلسلي ۾ محتسب اعليٰ کي آگاهہ ڪندو.

(2) "تجويزن تي عمل نہ ٿيڻ" جي هر پيري محتسب اعليٰ طرفان هڪ رپورٽ ذاتي فائيل جو حصو بڻجندي يا بنيادي طور تي عمل نہ ڪندڙ سرڪاري ملازم جي ڪيريڪٽر رول جو حصو بڻجندي:

بشرطيڪ لاڳاپيل سرڪاري ملازم کي ان معاملي جي سلسلي ۾ ٻڌڻ جو موقعو فراهم ڪيو ويندو.

محتسب اعليٰ طرفان رجوع ڪرڻ
Reference by Ombudsmen

13. جتي ڪنهن ڇاڻ يا جاچ دوران يا ان کانپوءِ، محتسب اعليٰ مطمئن آهي تہ ڪو شخص دفعہ 9 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ ڄاڻايل الزامن تحت ڏوهي آهي تہ محتسب اعليٰ معاملو مخصوص درستگي يا انتظامي ڪارروائي، يا ٻنهي درستگي ۽ انتظامي ڪارروائي لاءِ لاڳاپيل اٿارٽي ڏانهن اماڻي سگهي ٿو ۽ ڄاڻايل اٿارٽي قدم کڻڻ جي باري ۾ ٽيهن

ڏينهن جي اندر محتسب اعليٰ کي آگاهه ڪندي، جيڪڏهن ان عرصي دوران ڪا معلومات نه ملي ته محتسب اعليٰ اهو معاملو گورنر جي جاچ ۾ آڻيندو، اهڙي قدم لاءِ جيئن اهو مناسب سمجهي.

محتسب اعليٰ جا اختيار
Powers of the Ombudsmen

14. (1) هيٺين معاملن جي سلسلي ۾ محتسب اعليٰ هن ايڪٽ جي مقصدن لاءِ ساڳيا اختيار رکندو جيڪي ڪوڊ آف پروسيجر، 1908 تحت سول ڪورٽ کي حاصل آهن، يعني:

(a) ڪنهن شخص کي سمن اماڻڻ يا حاضري لاءِ پابند بڻائڻ يا قسم تي پڇا ڳاڇا ڪرڻ؛

(b) دستاويز پيش ڪرڻ لاءِ مجبور ڪرڻ؛

(c) قسم نامن تي شاهدي وٺڻ؛ ۽

(d) شاهدين جي جاچ لاءِ ڪميشن جاري ڪرڻ.

(2) محتسب اعليٰ کي ڪنهن به شخص کي اهڙن نقطن يا معاملن تي معلومات ڏيڻ لاءِ طلب ڪرڻ جو اختيار هوندو، جن محتسب اعليٰ جي خيال ۾ اها ڇنڊ ڇاڻ يا جاچ جي معاملي لاءِ مددگار يا لاڳاپيل ٿي سگهي ٿي.

(3) ذيلي دفعه (1) ۾ ڄاڻايل اختيار هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب ڇنڊ ڇاڻ يا جاچ ڪرڻ جي سلسلي ۾ محتسب اعليٰ يا ان سلسلي ۾ محتسب اعليٰ طرفان لکت ۾ بااختيار بڻايل ڪنهن شخص طرفان استعمال ڪيا ويندا.

(4) جتي محتسب اعليٰ نتيجي تي پهچي ٿو ته دفعه 9 جي ذيلي دفعه (1) تحت ڪيل شڪايت ڪوڙي، غير سنجيده يا ڇڙ ڏياريندڙ آهي ته ان شڪايت تي ڏنڊ رکي سگهي ٿو، ۽ شڪايت ڪندڙ کان ليند روينيو جي رهتن وانگر اهڙي

رقم يا ادائگي وصولي لائق هوندي.
بشرطيڪ ذيلي دفعہ تحت ادائگي متاثر شخص کي سول ۽ ڪرمنل مدد حاصل ڪرڻ کان منع نہ ڪندي.
(5) جيڪڏهن ڪا ايجنسي، سرڪاري ملازم يا ٻيو عملو محتسب اعليٰ جي هدايت تي عمل درآمد ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو اهو هن ايڪٽ تحت ۽ ٻيا قدم کڻڻ سان گڏ ان ماڻهو جنهن محتسب اعليٰ جي هدايت تي عمل ناهي ڪيو، ان خلاف انتظامي قدم کڻڻ لاءِ معاملو لاڳاپيل مناسب اٿارٽي ڏانهن اماڻي سگهي ٿو.
(6) جيڪڏهن محتسب اعليٰ کي اهو سمجهڻ لاءِ جوڳو سبب موجود آهي تہ ڪنهن سرڪاري ملازم يا ڪنهن ٻئي ڪم ڪندڙ اهڙي نموني سان ڪو قدم کنيو آهي جنهن ڪري هو پنهنجي خلاف هلندڙ ڪنهن ڏوهہ يا انتظامي ڪارروائيءَ تي اثرانداز آهي تہ هو اهو معاملو واسطيدار اختياريءَ ڏانهن موڪلي سگهي ٿو جيئن محتسب اعليٰ طرفان مقرر ڪيل وقت اندر ان تي ڪو جوڳو قدم کنيو وڃي.
(7) آفيس جو عملو ۽ اميدوار محتسب اعليٰ طرفان مقرر ڪيا ويندا تہ جيئن اهي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ حلف کڻائڻ جو انتظام ڪرڻ لاءِ ۽ مختلف قسم ناما تصديق ڪرڻ، هن ايڪٽ تحت سمورين ڪارروائين جي شاهدي جي داخلا بنا صحيح يا مهر يا اهڙي شخص جي آفيشل ڪيريڪٽر جي ثابتي جي انهن جي يادداشت نامن جي تصديق ڪرڻ وارو ڪم سرانجام ڏين.

15. (1) محتسب اعليٰ يا ان سلسلي ۾ بااختيار بڻايل عملي | ڪنهن احاطي ۾ داخل

| | |
|---|---|
| جو ڪو ميمبر، ڪا ڇنڊ ڇاڻ يا جاچ ڪرڻ جي مقصد لاءِ، ڪنهن احاطي ۾ داخل ٿي سگهي ٿو جتي محتسب اعليٰ يا جيئن معاملو هجي، اهڙي ميمبر کي ڪو جوڳو سبب هجي ته ڪو آرٽيڪل، اڪائونٽس جو ڪتاب، يا ڇنڊ ڇاڻ يا جاچ واري معاملي سان لاڳاپيل ڪو ٻيو دستاويز ملي سگهي ٿو ۽ اهو: | ٿيڻ ۽ تلاشي جو اختيار Power to enter and search any premises |
| (a) اهڙي احاطي جي تلاشي وٺڻ ۽ ڪنهن شيءِ، اڪائونٽس جي ڪتاب يا ٻين دستاويزن جي جاچ ڪرڻ؛ | |
| (b) اهڙن اڪائونٽس جي ڪتابن يا دستاويزن جو اقتباس يا نقل ڪڍڻ؛ | |
| (c) اهڙن آرٽيڪلس، اڪائونٽس جي ڪتابن يا دستاويزن کي ضبط ڪرڻ يا سيل ڪرڻ؛ | |
| (d) اهڙي احاطي مان مليل اهڙن آرٽيڪلس، اڪائونٽس جي ڪتابن يا دستاويزن جي فهرست جوڙڻ. | |
| (2) ذيلي دفعه (1) تحت ڪيل تلاشي ضروري تبديلين سان گڏ رکندي، ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر، 1898 جي گنجائشن موجب رکي ويندي. | |
| 16. (1) محتسب اعليٰ کي ساڳيا اختيار هوندا، ضروري تبديليل سان گڏ، جيڪي هاءِ ڪورٽ کي ڪنهن شخص طرفان پنهنجي توهين ڪرڻ تي سزا ڏيڻ لاءِ هوندا، جيڪو: | توهين ڪرڻ تي سزا ڏيڻ جو اختيار Power to punish for contempt |
| (a) گار گند ڪري ٿو، مداخلت ڪري ٿو، رنڊڪ وجهي ٿو، خطري ۾ وجهي ٿو يا محتسب اعليٰ جي ڪم ۾ رڪاوٽ وجهي ٿو يا محتسب اعليٰ جو ڪو حڪم نٿو مڃي؛ | |
| (b) محتسب اعليٰ جو اسڪينڊل بڻائي ٿو يا ٻي صورت ۾ محتسب اعليٰ، سندس عملي يا نامزد ڪيل يا محتسب | |

اعليٰ طرفان آفيس جي سلسلي ۾ بااختيار بڻايل ڪنهن شخص خلاف نفرت پيدا ڪري، مذاق اڏائي يا توهين ڪري ٿو.
(c) ڪا اهڙي شئي ڪري ٿو جنهن سان محتسب اعليٰ سامهون التوي ۾ پيل فيصلو طئي ڪرڻ ۾ تعصب پيدا ٿئي؛ يا
(d) ڪا اهڙي شئي ڪري ٿو، جيڪا ڪنهن ٻئي قانون تحت عدالت جي توهين ٿئي ٿي.
بشرطيڪ محتسب اعليٰ جي ڪم تي يا سندس ڪنهن عملي، يا ڇنڊ ڇاڻ ۽ جاچ مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ محتسب اعليٰ جي حتمي رپورٽ تي سٺي نيت سان ۽ عوامي مفاد ۾ ڏنل سٺي راءِ محتسب اعليٰ يا سندس آفيس جي توهين جي زمري ۾ نہ ايندي.
(2) ذيلي دفعہ (1) تحت سزا ڏنل شخص حڪم جاري ڪرڻ جي ٽيهن ڏينهن اندر هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل ڪري سگهي ٿو.

**جاچ ٽيم**
**Inspection Team**

17. (1) محتسب اعليٰ، محتسب اعليٰ جي ڪن بہ ڪمن جي ڪارڪردگيءَ جي بهتريءَ لاءِ جاچ ٽيم جوڙي سگهي ٿو.
(2) هڪ جاچ ٽيم عملي جي هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ميمبرن تي مشتمل هوندي ۽ ان جي اهڙي ٻئي شخص يا ماڻهن طرفان مدد ڪئي ويندي، جيئن محتسب اعليٰ ضروري سمجهي.
(3) جاچ ٽيم محتسب اعليٰ جا اهڙا اختيار استعمال ڪندي جيئن اهو لکت ۾ بيان ڪري ۽ جاچ ٽيم جي هر

رپورٽ ان جي تجويزن سان گڏ محتسب اعليٰ کي گهربل قدم لاءِ پيش ڪئي ويندي.

**اسٽينڊنگ ڪميٽيز وغيره**
**Standing committees etc**

18. محتسب اعليٰ جڏهن اهو مناسب سمجهي، مخصوص جڳهن تي محتسب اعليٰ جا اهڙا ڪم جيڪي انهن کي وقت بوقت سونپيا وڃن سرانجام ڏيڻ لاءِ بيان ڪيل دائره اختيار سان اسٽينڊنگ يا ايڊوائيزري ڪيمٽيز قائم ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙي ڪميٽي جي هر رپورٽ ان جي تجويزن سان گڏ محتسب اعليٰ کي گهربل قدم کڻڻ لاءِ پيش ڪئي ويندي.

**اختيارن جي منتقلي**
**Delegation of powers**

19. محتسب اعليٰ لکت ۾ حڪم ذريعي پنهنجا اهڙا اختيار جيڪي سندس طرفان حڪم ۾ بيان ڪيا وڃن پنهنجي عملي جي ڪنهن ميمبر يا اسٽينڊنگ يا ايڊوائيزري ڪميٽي کي منتقل ڪري سگهي ٿو جيڪي اهڙين شرطن موجب استعمال ڪندا جيئن بيان ڪيو ويو هجي ۽ اهڙي ميمبر يا ڪميٽي جي هر رپورٽ ان جي تجويزن سان گڏ محتسب اعليٰ کي گهربل قدم لاءِ پيش ڪئي ويندي.

**صلاحڪارن جي مقرري**
**Appointment of advisers**

20.محتسب اعليٰ هن ايڪٽ تحت پنهنجون ذميواريون ادا ڪرڻ ۾ مدد لاءِ معاوضي تي يا بنا معاوضي صلاحڪار، ڪنسلٽنٽ، فيلوز، بيلفس، انٽرمس، ڪمشنرز ۽ ماهر يا منسٽيريل اسٽاف مقرر ڪري سگهي ٿو.

**فنڪشنريز وغيره جي اٿارائيزيشن**
**Authorization of functionaries etc**

21. محتسب اعليٰ جيڪڏهن ضروري سمجهي، ڪنهن ايجنسي، سرڪاري ملازم يا صوبائي حڪومت جي انتظامي ضابطي هيٺ ڪم ڪندڙ ڪنهن ٻئي ماڻهو کي دفعه 14 جي ذيلي دفعه (1) يا ذيلي دفعه (2) تحت محتسب

اعليٰ جا ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ بااختيار بڻائي سگهي ٿو سندس دائره اختيار ۾ ايندڙ ڪنهن معاملي جي سلسلي ۾ ۽ اها ايجنسي، سرڪاري ملازم يا ٻئي ڪنهن ڪم ڪندڙ جي ذميواري هوندي ته اهڙا ڪم اهڙيءَ حد تائين ڪري جيئن بااختيار بڻايو وڃي ۽ اهڙين شرطن موجب جيئن محتسب اعليٰ طئي ڪري.

رقم ۽ معاوضو ڏيڻ ۽ رقم جي واپسي

Award of costs and compensation and refund of amounts

22. (1) محتسب اعليٰ جتي ضروري سمجهي، سرڪاري ملازم ٻئي ڪم ڪندڙ يا ڪنهن ايجنسي کي سبب ڇاڻائڻ لاءِ طلب ڪري سگهي ٿو ته ڇو سرڪاري ملازم، ٻئي ڪم ڪندڙ يا ايجنسي طرفان ڪيل بدعنواني سبب نقصان ڪنيل يا متاثر ڌر کي معاوضو ادا نه ڪيو وڃي ۽ وضاحت تي غور ڪرڻ کانپوءِ ۽ اهڙي سرڪاري ملازم، ٻئي ڪم ڪندڙ يا ايجنسي کي ٻڌڻ کانپوءِ جوڳي رقم يا معاوضو ادا ڪرڻ لاءِ چئي سگهي ٿو ۽ ساڳيو سرڪاري ملازم، ايجنسي جي ڪم ڪندڙ کان لينڊ روينيو جي رهتن طرح تي وصولي لائق هوندو.

(2) ڪنهن ايجنسي جي ڪنهن ملازم يا ان سلسلي ۾ ڪنهن ٻئي شخص کي غير قانوني ادائگي جي صورت ۾، غلطي، اعتماد ٽوڙڻ يا دوکي جي صورت ۾، محتسب اعليٰ ان سلسلي ۾ حڪومت کي ادائگي جو حڪم جاري ڪري سگهي ٿو يا اهڙو حڪم جاري ڪري سگهي ٿو جيئن اهو مناسب سمجهي.

(3) ڪنهن شخص خلاف ذيلي دفعه (2) تحت جاري ڪيل حڪم ان شخص کي ڪنهن ٻئي قانون تحت ڪنهن ذميواري کان ڇوٽ نه ڏيندو.

**محتسب اعليٰ کي مدد ۽ صلاح**
**Assistance and advice to Ombudsman**

23. (1) محتسب اعليٰ هن ايڪٽ تحت بهتر ڪارڪردگيءَ لاءِ ڪنهن شخص اٿارٽي کان مدد حاصل ڪري سگهي ٿو.

(2) ايجنسي جا سمورا عملدار ۽ ڪو شخص جنهن جي مدد محتسب اعليٰ کي ان جي ڪارڪردگيءَ جي بهتريءَ لاءِ گهربل هوندي، اهي سڀ پنهنجي اختيارن ۽ صلاحيت جي حساب سان مدد فراهم ڪندا.

(3) ڪنهن شخص يا اٿارٽي طرفان محتسب اعليٰ يا سندس عملي سامهون شاهدي ڏيندي ڏنل بيان سندس خلاف ڪنهن سول يا ڪرمنل ڪارروائي ۾ استعمال نه ڪيو ويندو، سواءِ ان جي ته اهڙي ماڻهو ڪوڙي شاهدي ڏني هجي.

**ڪاروهنوار هلائڻ**
**Conduct of business**

24. (1) محتسب اعليٰ آفيس جو چيف ايگزيڪيوٽو هوندو.

(2) محتسب اعليٰ بجيٽ گرانٽس يا پنهنجي هٿ هيٺ رکيل گرانٽس جي روشني ۾ خرچ ڪرڻ لاءِ پنهنجي دفتر جو سڀ کان وڏو اڪائونٽس آفيسر هوندو ۽ ان حوالي سان اهي مالي ۽ انتظامي اختيار ڪم آڻيندو جيڪي سندس دفتر کي سونپيل آهن.

**قسم نامن جي طلبي**
**Requirement of affidavits**

25. (1) محتسب اعليٰ ڪنهن شڪايت ڪندڙ يا لاڳاپيل ڌر يا لاڳاپيل شڪايت ڪندڙ کي ڪنهن جاچ يا ريفرنس لاءِ طلب ڪري سگهي ٿو ان سلسلي ۾ ته جيئن ڪنهن مجاز اختياري جي سامهون تصديق ٿيل يا نوٽرائيز ٿيل قسم ناما محتسب اعليٰ يا سندس عملي کي بيان ڪيل وقت دوران جمع ڪرائي.

(2) محتسب اعليٰ ٽيڪنيڪلٽيز کانسواءِ شاهدي وٺي سگهي ٿو ۽ شڪايت ڪندڙن يا شاهدن کي پڻ طلب ڪري سگهي ٿو ته جيئن انهن جي حقيقت ۽ حيثيت جاچڻ لاءِ ڪوڙ جاچڻ جي ٽيسٽ وٺي سگهي ٿو ۽ ڪيس جي سمورين حالتن ۾ اهڙي ڪتوتي ڪري سگهي ٿو جيڪا موزون هجي خاص طور تي جڏهن ماڻهو بنا جوڳي سبب جي اهڙي ٽيسٽ ڏيڻ کان انڪار ڪري ٿو.

**صلاحڪارن، ڪنسلٽنٽس وغيره جو معاوضو**
**Remuneration of advisers, consultants, etc**

26. (1) محتسب اعليٰ پنهنجي صوابديد ۾ صلاحڪارن، ڪنسلٽنٽس، ماهرن ۽ سندس طرفان وقت بوقت خدمتون ڏيڻ لاءِ رکيل انٽرنس لاءِ اعزازيه ۽ معاوضو مقرر ڪري سگهي ٿو.

(2) محتسب اعليٰ پنهنجي صوابديد ۾، ڪنهن ماڻهو طرفان ڏنل اضافي خدمتن يا محتسب اعليٰ کي ان جي ڪم ۾ ڏنل قيمتي مدد لاءِ انعام يا معاوضو مقرر ڪري سگهي ٿو:
بشرطيڪ محتسب اعليٰ ان شخص جو تشخص برقرار رکندو، جيڪڏهن لاڳاپيل ماڻهو طرفان اهڙي درخواست ڪئي وڃي ۽ قانون موجب اهڙي شخص کي ستائڻ، نشانو بڻائڻ، جوابي ڪارروائي ڪرڻ، برائي جي بدلي يا بدلي وٺڻ کان تحفظ لاءِ قدم کڻي سگهي ٿو.

**محتسب اعليٰ ۽ عملو سرڪاري ملازم هوندا**
**Ombudsman and staff to be public servants**

27. محتسب اعليٰ، ملازم، عملدار ۽ آفيس جو ٻيو سمورو عملو پاڪستان پينل ڪوڊ، 1860 جي دفعه 21 جي معنيٰ موجب سرڪاري ملازم سمجهيا ويندا.

**ساليانيٰ ۽ ٻيون رپورٽون**

28. (1) مالي سال ختم ٿيڻ جي ٽن مهينن اندر

| | |
|---|---|
| ڪارڪردگيءَ متعلق محتسب اعليٰ گورنر کي ساليانو رپورٽ پيش ڪندو. | Annual and other reports |
| (2) محتسب اعليٰ وقت بوقت گورنر جي سامهون پنهنجي ڪمن سان لاڳاپيل اهڙيون ٻيون رپورٽون پيش ڪندو جيڪي اهو ضروري سمجهي يا جيڪي گورنر طرفان طلب ڪيون وڃن. | |
| (3) هڪ ئي وقت اهڙيون رپورٽون محتسب اعليٰ طرفان شايع ٿيڻ لاءِ جاري ڪيون وينديون ۽ انهن جون ڪاپيون عوام کي گهٽ اگهه تي فراهم ڪيون وينديون. | |
| (4) محتسب اعليٰ، وقت بوقت عوام کي پنهنجي اسٽڊيز تحقيق، ڪاٽن، تجويزن، خيالن يا ڪن معاملن سان لاڳاپيل مشورن بابت آفيس طرفان منهن ڏيڻ بابت آگاهه ڪندو. | |
| (5) هن دفعه ۾ ڄاڻايل رپورٽ ۽ ٻيا دستاويز صوبائي اسيمبلي سامهون پيش ڪيا ويندا. | |
| 29. ڪنهن عدالت يا ٻي اٿارٽي کي دائره اختيار نه هوندو: | دائره اختيار تي پابندي Bar of jurisdiction |
| (i) ڪنيل ڪنهن قدم، ڪجهه ڪرڻ جي ارادي، ڪيل حڪم، يا ڪجهه ڪرڻ، هن هن ايڪٽ تحت ڪنيل، ناهيل يا ڪيل هئڻ جي دعويٰ تي ڪو سوال اٿارڻ؛ يا | |
| (ii) محتسب اعليٰ جي سامهون ڪنهن ڪارروائي، يا ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي يا ڪجهه ڪرڻ جي دعويٰ يا محتسب جي حڪمن يا راضپي سان ڪجهه ڪرڻ تي ڪو فيصلو ٻڌائڻ يا اسٽي يا ڪو عارضي حڪم جاري ڪرڻ. | |
| 30. هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم | استثنيٰ |

**Immunity**

يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي محتسب اعليٰ، سندس عملي، جاچ ٽيم، اسٽينڊنگ يا ايڊوائيزري ڪميٽي جي نامزد ميمبرن يا محتسب اعليٰ طرفان بااختيار بڻايل ڪنهن شخص خلاف ڪو مقدمو، ڪيس يا ڪا قانوني ڪارروائي نہ ٿيندي.

**گورنر طرفان رجوع ڪرڻ**
**Reference by the Governor**

31. (1) گورنر ڪو معاملو رپورٽ يا شڪايت جاچ يا آزاد تجويزن لاءِ محتسب اعليٰ ڏانهن اماڻي سگهي ٿو.

(2) محتسب اعليٰ فوري طور تي اهڙي معاملي، رپورٽ يا شڪايت جي جاچ ڪندو ۽ پنهنجا نتيجا يا راءِ موزون وقت دوران پيش ڪندو.

(3) گورنر سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي سرڪاري ادارن يا ايجنسي مان ڪي خاص معاملا يا هن ايڪٽ جون سموريون گنجائشون يا ڪا هڪ گنجائش لاڳو ٿيڻ کان خارج ڪري سگهي ٿو.

**گورنر کي ريپريزنٽيشن**
**Representation to Governor**

32. محتسب اعليٰ جي فيصلي يا حڪم سان متاثر ٿيل ڪو شخص، فيصلي يا حڪم جي ٿيهن ڏينهن اندر گورنر کي عريضي پيش ڪري سگهي ٿو. گورنر اهڙو حڪم جاري ڪري سگهي ٿو، جيڪو اهو مناسب سمجهي.

**جهيڙن جو غير رسمي ناهہ**
**Informal resolution of disputes**

33. (1) جيستائين ڪجهہ هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي محتسب اعليٰ ۽ عملي جي ميمبر کي اختيار آهي تہ اهو غير رسمي طور ڳالهيون ڪري، خوش اصلوبي سان حل ڪري، شرطن سان، نبيري يا ڪنهن نقصان ۾ بنا لڪت معاهدي جي بهتري آڻي ۽ ڪا شڪايت درج ڪرڻ جي ضرورت کانسواءِ يا ڪو سرڪاري نوٽيس جاري ڪرڻ کانسواءِ مسئلو حل ڪري.

(2) محتسب اعليٰ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ليزن ڪائونسلرز مقرر ڪري سگهي ٿو اعزازي طور تي يا ٻي صورت ۾ مقامي سطح تي اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن محتسب اعليٰ ضروري سمجهي.

سروس پروسيس
Service process

34. (1) هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ان ڳالهہ کي يقيني بڻايو ويندو تہ جوابدار سان دفتري لکپڙهہ يا رابطو سڌيءَ طرح ڪيو ويو آهي، يا ڪنهن ٻئي خاطري واري ماڻهوءَ ذريعي، يا ٻين هنن طريقن سان:

(i) آفيس جي ڪنهن ملازم ذريعي ذاتي طور يا محتسب اعليٰ جي نالي تي مقرر ڪيل ڪنهن خصوصي طصر تي لکپڙهہ پهچائيندڙ ذريعي يا آفيس جي بااختيار بڻايل ڪنهن عملي، يا ان سلسلي ۾ بااختيار بڻايل ڪنهن شخص ذريعي؛

(ii) ڪنهن ميل باڪس ۾ وجهڻ ذريعي يا ڪنهن پوسٽ آفيس جي اڳواٽ رقم ادا ڪيل طريقي موجب پوسٽ ڪرڻ ذريعي، يا پوسٽنگ جي سرٽيفڪيٽ سميت ڪنهن ٻئي دستاويز ذريعي يا مدعي جي آخري ڄاتل پتي تي رجسٽرڊ پوسٽ ذريعي يا آفيس جي رڪارڊ ۾ لاڳاپيل ماڻهو ذريعي، جنهن سلسلي ۾ مٿي ڄاڻايل ٽپال ذريعي ڏهن ڏينهن اندر پهچائي ويندي؛

(iii) پوليس آفيسر ذريعي يا ڪنهن ملازم يا آفيس جي نامزد ڪيل ذريعي پهچائڻ واري عمل سان يا آخري ڄاتل پتي، نڪاٽي تي دستاويز ذريعي، يا مدعي يا لاڳاپيل ماڻهن جي ڪاروبار واري هنڌ تي ۽ جيڪڏهن مٿي ڄاڻايل پتي، احاطي يا هنڌ تي مٿي ڄاڻايلن مان ڪو موجود نہ آهي

تہ لکپڙهہ جي ڪاپي يا ٻيو ڪاغذ اهڙي پتي جي مک دروازي تي لڳائڻ ذريعي؛ ۽

(iv) ڪنهن اخبار ذريعي لکپڙهہ يا دستاويز شايع ڪرڻ ذريعي ۽ ان جي ڪاپي مدعي يا لاڳاپيل شخص ڏانهن سادي ميل ذريعي موڪلي، جنهن صورت ۾ لکپڙهہ اخبار ۾ شايع ٿيڻ واري تاريخ کان موثر سمجهي ويندي.

(2) لکپڙهہ جي سمورن معاملن ۾ ثابتي جو بار مدعي تي هوندو، جيڪو جوڳو سبب ڄاڻائيندو تہ حقيقت ۾، ڪيس لکپڙهہ بابت واقعي ڪا ڄاڻ نہ هئي ۽ هن واقعي سٺي نيت سان قدم کنيو آهي.

(3) جڏهن بہ هڪ دستاويز يا لکپڙهہ آفيس مان ميل ڪئي ويندي تہ ان جي لفافي يا پيڪيج تي واضح اکرن ۾ آفيس طرفان لکيل هوندو.

**خرچ جيڪو صوبائي محصولاتي فنڊ تي اوڳاڙيو ويندو**
**Expenditure to be charged on provincial consolidated Fund**

35. محتسب اعليٰ کي واجب ادا معاوضو ۽ آفيس جا انتظامي خرچ، بشمول عملي جي نامزد ڪيلن ۽ ضمانت ڏيندڙ کي واجب الادا معاوضي جو خرچ صوبائي محصولاتي فنڊ مان وصول ڪيو ويندو.

**قاعدا**
**Rules**

36. محتسب اعليٰ گورنر جي منظوري سان هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿو.

**ٻين قانونن تي اثرانداز**

37. هن ايڪٽ جون گنجائشون موثر هونديون جيستائين

| | |
|---|---|
| ڪجهہ وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون جي متضاد نہ هجي. | ٽيڻ وارو ايڪٽ<br>Act to override other laws |
| 38. جيڪڏهن هن ايڪٽ جي ڪا گنجائش لاڳو ڪرڻ ۾ رنڊڪ پيش اچي تہ گورنر اهڙا حڪم جاري ڪري سگهي ٿو جيڪي هن ايڪٽ جي گنجائشن سان ٽڪراءَ ۾ نہ هجن، جيڪي اهو اهڙي رنڊڪ هٽائڻ جي مقصد لاءِ ضروري سمجهي. | رنڊڪون هٽائڻ<br>Removal of difficulties |
| 39. سنڌ صوبي لاءِ صوبائي محتسب اعليٰ جي آفيس جو قيام آرڊيننس، 1991 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو. | 1991 جي سنڌ آرڊيننس IX جي منسوخي<br>Repeal of Sindh Ordinance, IX of 1991 |

**پهريون شيڊول**

**ڏسو دفعہ 3(2)**

مان، ........................................... هڪ محب وطن پاڪستاني ٿي رهندس ۽ مان سچ تي هلندس.

صوبي سنڌ جي محتسب اعليٰ طور پنهنجون ذميواريون نڀائيندس ۽ ايمانداريءَ سان پنهنجا ڪم سرانجام ڏيندس، پنهنجي پوري صلاحيت، ايمانداري سان صوبي ۾ وقتي طور لاڳو قانون موجب بنا ڪنهن خوف يا فائدي، لالچ يا بدنيتي جي ڪم ڪندس.

تہ مان پنهنجي ذاتي فائدي کي سرڪاري ڪمن ۽ سرڪاري فيصلن تي اثرانداز ٿيڻ نہ ڏيندس؛

تہ مان پنهنجي پوري ڪوشش ڪندس تہ پاڪستان ۽ صوبي سنڌ جي وسيع مفاد کي هٿي وٺرائيندس.

۽ تہ مان سڌيءَ ريت يا اڻ سڌيءَ ريت ڪنهن شخص سان ڪا ڳالهہ نہ ڪندس يا راز نہ ٻڌائيندس جيڪو معاملو

محتسب اعليٰ طور منهنجي غور هيٺ آيو هجي، يا منهنجي چاڻ ۾ هجي، سواءِ ان جي جيڪو محتسب اعليٰ طور ذميواري نڀائڻ لاءِ گهربل هجي.
الله تعاليٰ منهنجي مدد ۽ رهنمائي فرمائي (آمين)

**ٻيو شيڊول**

**ڏسو دفعه 8 (4)**

مان، ................................................ هڪ محب وطن پاڪستاني ٿي رهندس ۽ مان سچ تي هلندس.
صوبي سنڌ جي محتسب اعليٰ آفيس ۾ ملازم طور پنهنجون ذميواريون نڀائيندس ۽ ايمانداريءَ سان پنهنجا ڪم سرانجام ڏيندس، پنهنجي پوري صلاحيت، ايمانداري سان صوبي ۾ وقتي طور لاڳو قانون موجب بنا ڪنهن خوف يا فائدي، لالچ يا بدنيتي جي.
ته مان پنهنجي ذاتي فائدي کي سرڪاري ڪمن ۽ سرڪاري فيصلن تي اثرانداز ٿيڻ نه ڏيندس؛
۽ ته مان سڌيءَ ريت يا اڻ سڌيءَ ريت ڪنهن شخص سان ڪا ڳالهه نه ڪندس يا راز نه ٻڌائيندس جيڪو معاملو محتسب اعليٰ جي آفيس جي ملازم طور منهنجي غور هيٺ آيو هجي، يا منهنجي چاڻ ۾ هجي.
الله تعاليٰ منهنجي مدد ۽ رهنمائي فرمائي (آمين)

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**